

"استاد آرمونا" جو ٻيو ڀاڱو

# وڇڙ ۽ اقا

# وچتر واقعا

## (انهن ڪا آره ودا جو پيو ڀاڱو)


ليکڪ:

رام پرتابراءِ پنجواڻي

پروفيسر سنڌي

جئه هند ڪاليج

۽

ڪيمبرنگهم انسٽيٽيوٽ آف سائنس بمبئي



۱۹۶۶ قيمت ۳-۵۰ رپيا ۳


حقيقت انساني ڪان عجيب آهي.


ڇپائيندڙ

رام پنجواڻي ساهتيه مالها

(پارٽ جيون ساهتيه منڊل)

۱۶۳ اي. دوارڪي اسٽريٽ [illegible] ڪراچي.

فون: ۹۱ [illegible] پاڪستان



پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# رام پنجواڻي ساهتيه مالا

"پارس جيون" ساهتيه منڊل ١٦٣- ڊونگري اسٽريٽ
ٻامبي - ٩

---

پروفيسر رام پنجواڻي سنڌيءَ ٻوليءَ جي سيوا ڪئي آهي سا ورڻن جهڙي نه آهي، هن لاءِ وڏو ساهتيه، تعليم ۽ سماجڪ کيتر ۾ سيوا ڪئي آهي ۽ سنگيت دواران شهر شهر ۽ ڳوٺ ڳوٺ ۾ وڃي سنڌيت جي خوشبوءِ ڦهلائي رهيو آهي. هن ديس جي سيوا لاءِ ٻه ڪاريه شروع ڪيو آهي. اسان اهڙي پاڻ جي قدرشناسيءَ ۾ "رام پنجواڻيءَ ساهتيه مالا" شروع ڪئي آهي جنهن ۾ سنڌس اڪيل ڪي ڪتاب ڏنا ويندا. سال ۾ ٦ ڪتاب ١٢-٥٠ رپين جا ڏبا. ساليانو چندو هندوستان لاءِ ڏهه روپيا ۽ ولايت لاءِ ٻاهران روپيا وڪيو ويو آهي. ساهتيه پريمي پاڻ ۾ چندو ڀريندا ۽ ٻين کان به ڀرائي موڪليندا.

## ≡ هيٺيان ڪتاب نڪتا آهن ≡

١- چولڪيءَ جا گيت ١-٥٠ ٢- قيدي ناول ٢-٠٠
٣- الوڪا آزمودا ٢-٥٠
٤- وچتر واقعا (الوڪا آزمودا) جو ٻيو ڀاڱو ٢-٥٠
۽ اڳيان به ڪتاب ملندا.

---

## پروفيسر رام پنجواڻيءَ جا موجود ڪتاب

١- پدما [ٻيو ڇاپو] ٢-٥٠ ٢- قيدي [ٽيون ڇاپو] ٢-٠٠
شرميلا ٢-٥٠ ٤- آهي نه آهي ٽيون ڇاپو ٢-٠٠
انڌيءَ جا موتي ١-٥٠ ٦- ڏيڍ ڏيڍ ڇمن ٣-٠٠
ڪيءَ جا گيت ١-٥٠ ٨- الوڪا آزمودا ۽
واقعا ٢-٥٠

# سمپادڪ جي قلم مان........

پروفيسر رام پنجواڻيءَ جون ستن ڪهاڻين جو ڪتاب "الوڪا آزمودا" ساهتيہ اڪيڊميءَ ڀارت ۾ ١٩٦٤ جو سنڌي ڪتاب ٺهرائي ٥٠٠٠ هزار انعام ڏنو. الوڪا آزمودا جي ايتري چڪ ٿي جو ٣ ڇاپا ڇپايا ويا آهن ۽ اڃا چڪ آهي.

هيءَ وچتر واقعو "الوڪا آزمودا" جو الين نٽي چٽهي ۽ ٻيو ڀاڱو آهي. هن ۾ ٻه ستيون ڪهاڻيون ڏنل آهن. ڪيترن جي زندگيءَ ۾ جي الوڪا ۽ وچتر واقعا ٿيا آهن تن کي ٺلا ڦيرائي ڪهاڻيءَ جي صورت ۾ ڏنو ويو آهي. وشواس هڪ اهو هٿيار آهي جنهن سان ايشور کي هٿ ڪري سگهجي ٿو. سچيار ماڻهو لڏندو پرايو، دک ڏسندو پرايو، پر ٻڏندو ڪونہ. هو دکن ۽ تڪليف کان ايشور جي ڀروسي سان لڙي پار پوندو. ايشور جيڪي ڪري ٿو اُن ۾ چڱائي آهي.

پروفيسر پنجواڻيءَ جي لکڻيءَ ۽ ٻوليءَ ۾ مٺاج آهي. هنجي شخصيت ۾ انوکي چڪ آهي. جتي بہ وڃي ٿو پنهنجي راڳ ۽ ليڪچر سان ماڻهن کي موهت ڪيو ڇڏي. پوءِ اها مجلس سنڌين جي هجي ٿوري ٻين جي. هن سنڌين جو سڀهو ڳوٺ ڳوٺ، شهر شهر ۾ ۽ هندستان کان ٻاهر بہ ڀيچايو آهي.

[illegible]

[illegible] سنڌي ٻولي [illegible]

[illegible] ساهتيه ۽ سڀيتا جي سيوا ڪري.

[illegible] ڪهاڻين جي ليکڪن کي [illegible]

ڪري "الوڪا آرمردا" ۽ وچتر واقعا [illegible]

[illegible] جهڙن ٻارن کي ڌرمي سنسڪار [illegible]

[illegible] کي ۽ شاهوڪارن کي نه وڻندي آهي [illegible]

[illegible] ڪري ساهتيه پرامپرا ورائين جهڙن

[illegible] ڌرمي پرچار لڳي. اهو ئي [illegible] سنسڪار [illegible]

[illegible] چاهين ٿي لکن. اسان کي [illegible]

شيوا [illegible] [illegible] پيندا آهيون.

[illegible] ۱۹۶۶ع چيتانند لعلواڻي ([illegible])


Printed by Shri Jethanand B. [illegible]

[illegible] Subhash Market, [illegible]

[illegible] and published by [illegible]

[illegible] Subhash Market, 27[illegible]

and Owned by J[illegible]

سنڌيءَ ۾ هڪ ئي ٻارن جو ماهوار رسالو

# گل ڦل

ڪتاب سائيز ۾ هر مهيني ۵۰ پيج اچي ٿي سان
رنگين ڪور، رنگين مورتن، ٻالڪن مورتن سان، پروليون
ڪهاڻيون شعر وغيره سان. (قيمت ۵۰ پئسا)

ساليانو چندو هندستان لاءِ ۶-۰ رپيا. ولايت لاءِ ۸-۰
رپيا. چندي ڀريندڙ کي هڪ رنگين وارو ڪتاب مورتن
سان "سوکڙيءَ" ڏني ويندي مفت.

* اڄ ئي مني آرڊر ڪريو *

هريش ڪمار لعلواڻي.

۴ ماڙو، ۱۶۳ ڊونگري اسٽريٽ، بمبئي ۹.

---

سنڌيءَ ۾ هڪ سماجڪ ۽ فلمي ماهوار مئگزين

# راجفلمستان

سمپادڪا: شريمتي سشيلا جي لعلواڻي.

هر مهيني، رنگين ڪور، ٻالڪن، شعر، ڪهاڻيون،
سوال - جواب، مورتن سان ڀرپور ۽ سونهن جي سماجڪي
ليکن ۽ ڪور سان. ۶۰ پيج، رنگين ڪاپيءَ لاءِ ۶۰ پئسا

ساليانو چندو هندستان لاءِ ۷-۰ رپيا.
" " ولايت لاءِ ۱۰-۰ رپيا.

راجفلمستان - ۱۶۳، ڊونگري اسٽريٽ بمبئي ۹.

سنڌيءَ ۾ پهريون دفعو عربي لپيءَ ۾ شاندار نموني ۾
سنڌي هندو ڌرم جو گرنٿ نڪري ويو.



# شري
# "شو پراڻ"

## (سهڻي پلاسٽڪ ڪور سان)

جنهن ڏٺو آهي تنهن ساراهيو آهي
وڏو ڇهه سئو پيج ٽائيپ ڪرائون وڏي سائيز ۾ ۸ رنگين
مورتين ۴۰ بلاڪن سان سهڻي بائنڊنگ ۾ ٽڪي سواري)

انوادڪ:- **شري مولچند شرما شاستري**

سمپادڪ ۽ پرڪاشڪ:

## جيٺانند ڀاوانداس لعلواڻي

شري شو شنڪر جي پوڄارين لاءِ خوشخبري
هن ۾ مهاتم، اڌيائي ۽ شو ليلائن سان گڏوگڏ
سڀني سنگهتائن ۾ منترن ۽ پوڄا جي استتي سان گڏوگڏ
قيمت ساڍا ٻارهن روپيا ٽپال خرچ ۳ روپيا.
مفت ۾ ورهائيندڙن يا ڪمپنيءَ ياد ۾ ورهائيندڙن لاءِ ڪفايت
اچ ئي پئسا موڪليو، جو ٿورا ئي ڪاپيون ڇپايل آهن.
نوٽ:- شري "شو پراڻ" جي آرڊر مهل ياد رکجو ته اهو
"پرڀو جيون ساهتيه منڊل" جو ڇپيل هجي جنهن
ٽوهاڻڪي سنڌيءَ ۾ "شري گرنٿ صاحب" ڏنو.
ڀارت جيون ۱۶۳ ٺونگري اسٽريٽ بمبئي-۹
فون ۳۳۲۹۹۱

SINCE 1948 Phone: 329445

# GULABRAI B. BHOJWANI

**Whole Sale Retail Manufacrure Jewellers**

*1st, Floor, 26-28 Dhanji Street, Bombay 3.*

# پراڻن زيورن مان نوان زيور

سچي جرمن ۽ اورڻن ۾ بلڪل نئين ڊزائن جا
سيٽ ملندا.

وڏيءَ لي نئين ڪمدار لاءِ سچن هيرن جي (نٿ)
۽ هٿن ۾ پائڻ جا دستانا (Gloves) مسواڙ تي ملندا.

فقط زالن جي سهوليت لاءِ.

GULABRAI B. BHOJWANI
8-D "Shiv Sagar"
Shivaji Park Rood 5,
Evening Time 4 to 8

# ٽو جڻن ڪري نه کوهه
# ٻچن سان پلاڻهون

ناگپور ۾ سنت ڪنوررام جي ورسي هئي. رات جا
لڳي ويا هئا، مان چونڪي پوري ڪري اچي سمهڻ
لئي ويٺو هوس ته هڪ پوڙهو سرڪو اچي اڳيان بيٺو.
واري آواز ۾ چيائين، "بابا! مون مسڪين جي ماڻ
مسڪين؟ هائو، برابر مسڪين لڳو! ڪپڙا
ڦاٽل ڇيڙا ۽ پاڙ جي جتي ۾ چاليهه چمر! ڏاڍو
لڳو، چهري مان، سڀ مان خواه پوشاڪ مان
بيڪس ٿي لڳو. اهڙن وقتن تي ڪيترا سوالي
سوال ڪندا آهن ۽ روپئي ٻن لئي واڌو ئي دعائون
ڏيندا ويندا آهن. مان کيس روپيو ڏيان لاءِ هن کان اڳ
ڪيو ن چيم، "بابا! صبح جو اچج ته مڙهوئي ٻلي لئي
وندي." هن ڏاڍو ڏيان ته ڏيندي چيائين "روپئي اڌ
واري ڪاله ٿيلالي آهي. سوا سؤ روپيا کپن ۾ کپن
." چرچو ڪري ڪڍيو چيو، "پوءِ تون پوڙهالين جا
مڙس؟" پوڙهي مڙس عاجزي سان چيو، "پوءِ نه بابا!
ي جو ڪارج آهي. پوءِ لاءِ ڪيئن هئي ٿيلائيون؟
پوٽي هئي پوڙهل جي حادثي ۾ مري وئي، منهنجي
سلهه ۾ هلي وئي. پوٽي پالي آهي. مڱائي آهي،

ته جو همت ڪئي نه اُٿي سو ديگ ۾ شراب پائيءَ لاءِ
سوا سؤ روپيا اچا ڪون. شادي روڪي پئي آهي. قرب
ڪر قرضدار، لالو الپئي سيٺ ڪوڙو رام جو." مهنجي
دل وڃي وئي. اندر مان آواز آيو، "هن جي سهائتا
ڪرڻ اُم دان آهي." مون چيو، "بابا، تو وٽ وڃڻ
آهي نه. روپيا سوا سؤ تنهنجي ڏيندس تو عجب ته لڳم
نه ان ڏينهن ڪان پوءِ اُنهيءَ وقت ڇو اچي سوال ڪيو
اُٿي جنهن وقت منڪي ۾ مايل سڀ پيسا ڌرمسالا وارن
جي حوالي ڪري ڇڏيا اٿم؟" پوڙهي اڌو ساهه ڪڍي
چيو، "همت نه ٿي ٿيم سو اڄ همت پڌي اچي آڌو
پيٺس. سڀني ڪٽنب جو آهيان. مگر ڪان مرڻ پلو سو
آخر جڏهن ڏٺم نه سانئڻ ڪان سواءِ پيو ڪو نه وسيلو
ڪونهي تڏهن اچي توهان کي حال سڻايم. ووءِ ۾ اچا
مهني جي مهلت آهي. اڄ نه نه پئي ڏينهن سهڻ. مان
ڪليڻ ۾ رهندو آهيان، آگيا ڏيو نه اچي امانت ۾ ملاقو."
سندس روش وٺي. مون چيو، "اچي ملج ۾ سوا سؤ روپيا
موٽي ليا." آسيسون ڏيندو پوڙهو هليو ويو. انهيءَ ڪان
پوءِ ٻه ٽي ڏينهن نه اُنهيءَ پوڙهي جي شڪل ور ور
ڪري اچي ٿي اکين آڏو بيٺي. مهنجي مرڇيائل، وار
آپرڪا، اکين ۾ چالديءَ جي فريم جو چشمو ۽ چشمي
جون پٺي ڪاڻين ڌاڳي سان ٻڌل. پنهنجي بيڪسيءَ
جي صورت!

امبڻيءَ ۾ ٻوچل جي ورسيءَ جي موقعي تي اھو
ساڳيو ڪاڪو اچي حاضر ٿيو. ھٿ ٻڌي چيائين، "ٻڌجن
ڏينھن ۾ شادي گھري آئا آئون. ڪجھ ڪري ڏيو تہ
مھرباني ٿي، تہ جيئن قسمت." مدھڙو متر رام موٽواڻي
پڙ ۾ ويٺو ھو. مون ھن ڏانھن اشاري چيو، "دادا، ھيءُ
ويچارو تڪليف ۾ آھي، ھن جي مدد ڪرڻ کپي."
فيصلو ڪيوسين تہ گھرال رقم جو اڌ ڏينداسين. پاڻيءَ
نماڻائيءَ سان چيو، "سائين، پنجاھ روپيا وڌيڪ ڏيو تہ
توھانجي وڏي مھرباني." ٻر الي اپي ھيڪي چيائين،
"سائين، سوا سو بس آھي. توھان جا لڪ ٿوا. مونکي
وڌيڪ پيسا گھرڻ نہ کپندا ھئا." پاڻي وٽن لعل پاڻي
پولارام جي ٻالڪي ٻيٺي گفتگو ٻڌي، سو چيائين،
"سپاڻي مان وڃي ستدس حال ڏسندس ۽ توھان ڏانھن
چٺي لکندس تہ سچ پچ گھرج ڪيتري آٿس." پٺيڙي
آسيس ڪندي چيو، "ايشور مھر ڪندو. ھاڻي مان وڃان
ٿو ۽ ڏينھن ٻن ۾ چٺي وٺي ايندس. پاپا، شاباس آٿو،
ڪو ٿهڙو ليکو تہ ڪرائي."

ٻن ڏينھن کان پوءِ چنچر جي ڏينھن سوير صبح جو
ڪاڪو پاڻي وٽن جي چٺي کڻي آيو. چٺيءَ ۾ سوا سو
روپين جي سفارش ٿيل ھئي. دل ۾ خيال آيو تہ پاڻ
رام موٽواڻيءَ کان پڇي ڪجھ ڪلا ڳالھ گھرائدس، حال
ھن کي ٽولائي چمڙائيز ٿي چٺي ڪئي ٿو ڏيان. چٺي

ڏيکاريائس. اُنهيءَ ڏينهن دل ۾ ڏاڍي خوشي محسوس ڪيم. سچي خوشي آهي ته سيوا ۾. سيوا غريبن، اناٿن، ودوائن ۽ لاچارن جي. سوچڻ لڳس، ”ڪيترا آهن جي ڏيئڻ جي شادين تي هزارين روپيا ٿا خرچين! هڪ رسمن تي ئي ڏهه ڏهه هزار ٿا روپيا ٻارين، بلبن ۽ شاميانن تي ٺڪڪي چڙهن ۽ هڪ بيڙو ڪاڪر مهن کان سوا سو روپين لاءِ پٺڪندو رهيو آهي!“ هن جي غريبيءَ تي ارمان لڳو ۽ اهڙي خوشي ٿي. ته وري ته ڪنهن غريب جي ڪم اچي سگهيو هوس.

سومر ڏينهن رتن لعل ڪڏيو. ٻاهر ڳالهه ڪندي ٿي ڪندي لڌهن کان اچي موهن چيو، ”ماٽي، ڪاڪي جو ڪم ٿي ويو، شاباس اٿئي جو ماوري خبر ڏني.“ رتن لعل حيرانيءَ مان چيو، ”ڪهڙو ڪاڪر؟“ موهن چيو، ”جنهن کي ٽيون ڏينهن چٺي لکي ڏني.“ هن چيو، ”مان موهن ته ڪڏهن به چٺي ڏاڪ تي ڪانه. هو لڌهن ڏينهن وارو ماٽي، جو ڪيان گهر ۾ ڪڏيو هو، سو ته موهن وٽ آيو ٿي ڪوله ٻر موهن وٽي ٻچا ڪٿي ته معلوم ٿيم ته هڪ روڙ ۽ ٽڪ آهي. شادي ٻادي اُلس تي ڪانه. لوهان پيسا ڏانس ڇا؟“ مان سن ۾ ٻڌجي ويس. رتن لعل مڌهجي دل ولندي چيو، ”دادا! اهي ڪم ٻيا ٿين. توهان ته ٻيڪ ليکي ڏيکاري ٿا، هن جو باپ هن سان!“ موهن ڪچهري ڪوله ٻر اندر سرائجي ويس.

واسط جو هر هر پهو پاڻ کان پڇان، ”اهڙي ٿڪي؟ ايڏو دوکو! ڪهڙو نه لماڻو ٿي لڳو ۽ ڪهڙو نه سچو! پيو لڳي هو؟“ آئيندي ۾ اهڙا ئي ٿي واقعا ٿيا هئا جن ۾ ٽڪجي ويو هوس پر هن واقعي منهنجو ارادو پڪو ڪري ڇڏيو ته آئينده ڪنهن تي ۾ اعتبار نه ڪندس. هن حريف جي حرفتبازيءَ منهنجي وشواس کي ڏوڏي ڇڏيو، واسط سچي نند نه آئي. پر چار ڏينهن اندر ۾ دک، حيراني ۽ ڪاوڙ هئي. ۽ ٿي جتا آيا پر رهڙ ڏيئي ڪڍي ڇڏيو مان. هرڪو سوالي مونکي ٺڳ پاسو لڳو. هرڪو گهرجائو غريب، دوکي باز! مهينو گذري ويو پر اندر جو گهاءُ نه ميڙيو. وقت پئي سور گهٽيو پر ڏک جي يادگيري نه وسري، الهيءَ عرصي ۾ جيڪو به آڻ واقف آيو تنهن کي اداس واهس ورايم.

هڪ صبح جو اڃا چانهه پي ويٺو هوس ته در تي گهنٽي وڳي. ڪنهن در کوليو ته ڪن تي آواز پيو، ”پروفيسر صاحب آهي؟“ مون سمجهيو ته ڪو ٽئون دوکيباز آيو آهي. هڪ سهڻو، ڇاهوڪو، وشت پشت جوان اندر آيو. مون اٿي سندس ڪيڪر ڪئي. ٿهه ٻاهه، چيائين، ”سائين سڃاتو؟“ روش لڳا پئي پر چئي نه سگهيس ته ڪير آهي. جوان چيو، ”سائين، مان توهانجو جهونو شاگرد آهيان. ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ۾ ايف. ايس. سي. ۽ انٽر سائنس جا ٻه سال مونکي سنڌي

دل پرچي آئي. ڪا ويرم تہ چپ رهيس پر ٻيهر چيم،
”ڇا تيو جي هڪ پيڙو نڪري ويو؟ هن دنيا ۾ تو جهڙا
ڇيڙ ۽ نہ پيا آهن نہ؟ تنهنجي اُداڇتائيءَ ۽ آصالمدديءَ
روونڪي ليڪن سو سجاڳ ڪري ڇڏيو. جيئن تو ڳالهايو تيئن
منهنجو من مولڪي ڇوڻ لڳو تہ هيءَ سچ يا هوُ سچ؟
سوا سوَ روپئي وارو پيڙو نڪري ويو، تہ پيءُ جي مدد
ڪرڻ ڇڏي ڏني، ۽ هاڻي هيءَ جوان جو ورتل رقم پيٽي
ڪري موٽائي ڏيڻ آيو آهيان؟“

رميش چيو، ”سائين! هن دنيا ۾ پاڻ پاڻ جا لوڪ
پيا آهن. سڀني کي سمجهڻ ڪٺن ڪم آهي. پر ڪهڙي
خبر تہ انهيءَ پيڙي ڪيترن ڪشٽن سهڻ کانپوءِ لاچار
ٿي اهو ايڪ ڊارپو هجي ۽ لوهالڪي نڪي پنهنجو ڪارج
سڌ ڪيو هجي؟“ موهن ڪنڌ ڌوڻي چيو، ”نہ سچ!
ورهاڱي کان پوءِ ڪيترن پڪار ماڻهن دوکي ۽ دولاب
سان ڪٽي پاڙيو آهي. مان تہ اڳتي ڪٽي لوري پڪاني
ڪندس پر هڪ جي ڪري سڀ چور ٿيو ڪين؟ چانور
کائيندي تہ چار چانور هٿ مان ڪري پون تہ چانور
کائڻ ڇڏي ڏبا ڇا؟ ٻڪ ۾ پاڻي پيئڻ سان پاڻي وئين
کان وڃي تہ پاڻي پيئڻ ڇڏي ڏبو ڇا؟ درياهہ پار
ڪندي ڪا ٻيڙي ٻڏي وڃي تہ ٻيڙيءَ ۾ چڙهڻ ڇڏي
ڏبو ڇا؟ هڪ دوکي ڪانڌ کان پوءِ سڀني سان نيڪي
ڪرڻ ڇڏي ڏيڻ کپي ڇا؟ نيڪي تہ پاڻ جاڻي، ادي

۽ ٻاهر ڄاڻي. اسين سائينءَ کان عدل گهرندا آهيون ۽ فضل؟ مالڪ ڪنهن سان ٻيد رکندو آهي؟ سج فقط ايڪ انسان جي گهر تي چمڪندو آهي يا بدڪار جي گهر تي بہ؟ برسات وسندي آهي تہ صرف نيڪيءَ ۾ ڪرندي آهي يا ڪني ڪسيءَ ۾ بہ؟ هن جي سخا سڀني لاءِ سانجهي آهي. هن وٽ ڪو بہ ٻيد ڪونهي، ٻيد انسان ٺاهيو آهي. ٻيائي سوارٿ جي ڪري پيدا ٿي آهي. سائين سوارٿ کان مٿي آهي، ٻيائيءَ کان دور آهي، هن وٽ سڀ هڪ سمان آهن. هو چڱن سان بہ چڱو تہ ٻرن سان بہ ڀلو." رميش چيو، "ياد اٿم اڃا تائين شاهہ جون ٻہ سٽون، جي توهان کي سال اڳ سمجهايون هيون." مون مٿي نهاريو تہ هن ڌيمي آواز ۾ شاهہ صاحب جو بيت پڙهيو:

چڱن سان چڱايون ائين هر ڪو ڪري
تو جئن ڪري نہ ڪوہ ٻين سان ڀلائيون.

## ”ڏهه ڏس ڏيکاريانءِ، آنڀيءَ پرک اکين سان“

مدراس ميل جي فرسٽ ڪلاس گاڏيءَ ۾ هڪ ارڌ- لي سمهيو پيو هو- شري سبرمنيم ۽ ٻيءَ ٿي سندس استري لڪشمي. ماڻهن سان هڪ ننڍڙو ٻار سمهيل هو. مٿين ٻڪن مان هڪ ٿي سمهيل هو سبرمنيم جو پٽ ۽ ٻيءَ ٿي هڪ مسافر چندرشيکر. سبرمنيم ۽ چندرشيکر ٻئي مدراسي هئا ۽ هڪٻئي جا واقف. چارئي جاڳيا ٿي. مالي ڪائي، ليٽيا پيا هئا. سبرمنيم ڪتاب ٿي پڙهيو ۽ چندرشيکر مٿگرن. گاڏي تيز رفتار سان هلندي پئي هائي، رات جا ساڍا ڏهه لڳا هئا. پڙهندي پڙهندي سبرمنيم آلي وٺو. لڪشمي اڌ ننڊ ۾ هئي پر سڌ پئي آئي وٺي. سبرمنيم چيو، ”ڏاڍو سٺو واقعو آهي. پڙهڻ ته ٻڌايانءِ.“ لڪشميءَ ڪي اندر ۾ ڳالهه ڪانه وڻي پر مڙس جي مرضي رکندي چيائين، ”ڀلي ٻڌايو.“ مٿين مسافر جو خيال رکندي سبرمنيم چيو، ”تون هيڏانهن اچي ويهه جيئن مسٽر چندرشيکر جي آرام ۾ رخنو نه پوي.“ چندرشيکر ٽهڪ ڏيئي چيو، ”آرام ۾ رخنو پوي ها ته پهرين سڌ ٿي پوي ها. سڌ ائين ڪيءَ جو نه سوني جي ڪاٺ لڌي

ڏينهن صبح جو هند مان اٿڻ تي دل ڪانه ٿي ٿي. ارادو ڪيم ته هن دفعي پاڻ ڪوله ولندس ۽ اهڙو اطلاع اختياريءَ وارن کي ڏنم. هڪ ڪارپرداز منهنجي گهر آيو ۽ مولڪي رالداڻ واري ميدان تي اچي ماڻهن کي منهن ڏيکاري، ڪين ٻهنجي مجبوريءَ کان آگاه ڪرڻ لاءِ وينتي ڪئي، جا مون قبول ڪئي. پوءِ مون خيال ڪيو ته ميدان تي وڃڻ ۽ ٿوري ڏيڻ جي ڪوشش نه ڪندس. هار ۽ جيت جو رالدگر کي اونو ڪرڻ نه کپي. مون دل جو دل ۾ ٻارائنا ڪئي. ڪنهن لاءِ نه ٻر ٿوريءَ تي لياقت ڏيکارڻ لاءِ.

”مان ميدان تي آيس ته هر طرف کان نعرن وڄي واٿون. مون هڪ دفعو وري ٻه سائينءَ کي ڏٺائون. پهرين لڏيا ٿيا ڏنم ۽ واپس آهستي وڌندو. مان ٻاڻ عجب ۾ پئجي ويس ته، مون ۾ ايڏي شڪتي ڪٿان آئي! مولڪان منهنجي ڪمزوري وسري وئي. واپس ٿپ ڏيندو ٿان جو ٻاوڙن ٿيو ٻنڌڻ نوت اوچو هو. متي ٻهارام! اڳي ايڏو متي ڪڏهن به ڪونه ويو هوس. ڪند نوائي پاليءَ کان ٻل گهرام. هيٺ ۾ لنهي لٺ هئي. الهيءَ لٺ جي آڌار سان ئي ٿيو ڏٺو هو. ٻاڻ ۾ اڻغيبي طاقت محسوس ڪيم. لٺ ڪڍي پوءِ بوڙندو آيس ۽ واجهو اچي اوچانڪ ڏنم ته آنڪ ٿي ڪانه ٿي. ٻنم لڏهن ٻيم جڏهن هيٺ واريءَ تي اچي ڪريس ۽ چوڌاري

ٻاڙين جو ڦهڪو ٻڌجي ويو. مون واريءَ ۾ ويٺي ٿي ايشور جا احسان مڃيا.

”اهڙا واقعا منهنجي زندگيءَ ۾ گهٽائي ٿيا آهن جن مونکي يڪو نشچو ڏنو آهي ته پرارٿنا انسان کي وڏو ٻل ٿي ڏي. پرارٿنا سان مون ڪرامت جهڙا ڪم ڪيا آهن.“

لڪشمي مڙس سان شامل ٿيندي چيو ”برابر آهي؛ پرارٿنا سان وڏي شڪتي ٿي ملي.“

چندرشيکر چيو، ”اچا شڪتي ۽ ايشوري شڪتيءَ ۾ ڪو فرق آهي؟“

سبرامڻيم چيو، ”ايشوري شڪتيءَ سان اچا شڪتي وڌي ٿي. ايشوري شڪتيءَ جو ٻيو نالو آهي آتم شڪتي. باب رچرڊس جو به ته اهو چوڻ آهي نه؟ هيڏيون سوڀيون پائي اهڙو ماڻهو جيڪر هٿ ۾ پرچي وٺي در در جاچي ته سندس سوڀ سندس مرضيءَ موجب نه پر پرماتما جي اچا آڌار آهي. گهر نه مليس. شڪتي اچلي گهر مان ايندي آهي ۽ منهنجي گهر ۾ اچڻ لاءِ هيٺ لهن ڪر نه! ايشور جي ڪرپا آڌار آهي ۽ آتما جي ڪل کي نه لون ڏياءِ نه!“

چندرشيکر چيو، ”ڀلائيءَ ۾ ٿي پيو ٿي وڃن! باب رچرڊس پرارٿنا ڪئي ۽ هو پرارٿنا جي زور تي ڪامياب ٿيو پر ٻين جن هزار دفعا پرارٿنا ڪندي به رچرڊس کان

تہ ڪنهن لاءِ ڇا ڇوڙيو اُٿيو؟ ايشور رچرڊس کي مدد ڪئي ڇو تہ هو هن جو ڪميشن ايجنٽ هو.“

سرمدم چيو، ”ايجنٽ اسان هر حالت، ساڳي. جو سچيءَ دل سان صاحب کي ياد او ڪري تنهنجو هو ساٿ ڏئي ٿو.“

چندرشيکر چيو، ”اهڙو مرتبو منهنجي جيون ۾ ڪڏهن آيو آهي.“

سرمدم چيو، ”ڪنهن ڏينهن ايندو.“

چندرشيکر اتي وسائيندي چيو، ”ايندو تہ بہ ايشور جي طرف کان تہ سمجهندس.“

رات جا ٻه ٽي پهر گذري چڪا هئا. گاڏي هلندي رهي، مسافر الوٽ ننڊ ۾ پيا هئا. سرمدم ۽ ٻيا ساٿي بہ پنهنجي گاڏي ۾ آرامي هئا. اوچتو اچي اوچتو لڪشميءَ جي اک کلي پئي.

ٻاهر جي روشنيءَ ۾ اٿي هئي. ڇرڪ ڀري اٿي جو گاڏيءَ جو در کليل ڏٺائين. هوءَ اٿي ۽ سندس منهن مان آواز ڪونہ نڪتو. يڪدم محسوس ڪيائين تہ ڪو اجنبي گاڏي ۾ گهڙيو آهي. هو بہ اٿيو، هلندڙ گاڏيءَ مان چوري ڪري وارو هڪ ڏاڪو گاڏي ۾ گهڙي آيو هو. لڪشميءَ کي اُٿندو ڏسي هن يڪدم ننڍڙي ڇري کي پنهنجي هٿن ۾ کڻي، ٻڪڪي ۾ چيو، ”خبردار! اڙڪ ٻاڪيندينءَ تہ ڇري کي ٻاهر اڇلائيندس.“ لڪشمي سن ۾

۾ گهاٽي آيا. بيشمار ماڻهو گاڏي ۾ هيٺ لهندا هئا. هرڪو حيران هو! ٻار اڃا ماءُ جي هنج ۾ وڏائون. لڪشمي اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳي.

سبرامڻيم چيو، "شڪرگذاري ڪر. روئڻ جو ڇا مطلب؟"

لڪشميءَ جا ڳوڙها شڪرگذاريءَ جا هئا. هن کي اعتبار ئي نه ٿي آيو ته هڪ جيتامڙو گاڏيءَ مان ڪرڻ کان پوءِ به بچي ويو!

گاڏي هلي. سبرامڻيم ٻار کي کڻي چندرشيکر جي هنج ۾ ڏنو. ٽهڪڙي ۾ چيائين، "جيئرو آهي. پرهلاد وانگر پرڀوءَ پنهنجي هٿن ۾ جهٽي ورتس."

چندرشيکر جي اکين ۾ آنسو هئا. ڪا مهل ڪڇيائين ڪونه پر آخر ٻه لفظ سندس وات مان نڪتا، "عجب آهي!"

سبرامڻيم شرڌا سان چيو، "قدرت آهه، ٻيارا!"

اهو واقعو اخبارن ۾ آيو. ٻين تي ڪهڙو اثر ٿيو سا مونکي خبر نه آهي پر منهنجو ڪنڌ لڙي ويو ۽ اندر مان آواز آيو:

"آءُ تم پياريان ڀري پيالو پريم جو
ساميءَ هن اوسر ۾، ڪن من سڀ ڏاريان
ڏه ڏس ڏيکاريان، انهيءَ پرک اکين سان."

# سائين ڏاڍو آهي،
# مٺان کا سينو ساهي

ديوان ڪندنداس جو ٨٧ جنم ڏينهن هو. ٽيهن سالن کان سڃاڻانس. ٽيهن سالن ۾ هتي لوڙهي سنڌ ۾ شايد ڪو سال گذريو هجي جو مون ڪنهن جنم ڏينهن جون واڌايون روانو نه ڏنيون هجن. هن دفعي اسان وڏي پيار ۽ شوق سان ونس ويس. البت هن دفعي ڪو شغل ڪونه ٿيو هو جو سندس صالح پٽ سنسار مان سڌاري ويو هو. ساماڻل پٽ جو ڏک، اهڙيءَ اوستا ۾ ڪهڙو نه ڏکيو آهي! پر هيءَ سندس ڌرش اهو ڏک نه سهاري ويو. سائينءَ جو ڀل انهيءَ ڀرڪ اوستا جو وسارو؟ جوانيءَ کان وٺي اڄ ڏينهن تائين هڪ ڏينهن به پرارٿنا کان سواءِ ڪونه گذريو اٿس. تپ ۾ يا لنگهڻ وڏيءَ ٻڙاءِ ۾ رهراس جيئي ٿيو سهندو. اوڙداس لتلير سان ڪندو آهي ۽ وڏي ويرم ويٺو ڏکيءَ کي ڏيائيندو آهي. درويش دل انسان آهي ۽ اسين سڀ سندس سنتوش، سهڻ شيلتا ۽ پرڀو جي ساراهه ڪندا آهيون. جن کي ٻليءَ جو ڀل آهي لڌهنڌو چمڪ سدائين نرمل ٿو رهي. هنڌي عمر لي وٺي آس نه به هر حال ۾ راضي. مون ڪنهن کڄهندو، ڪرڪندو يا ڪڙهندو ڪونه ڏٺو آهي. ٻئار جا پٽ ٻيا پرلدس نه

وڻان. ۸۷ جنم ڏن لي جيترڪيڪ ڪيڪ ڪٽڻ جي رسم
ڪا نه ليٽي هئي ته نه ساڏارڻ واڌاين ڏيڻ لاء ونس وڃڻ
ڌرم ۽ فرض سمجهيم.

ديوان آرام ڪرسيءَ ۾ ويٺو هو. ڏر ۾ اندر گهڙيس
ته چوان چيائين، "گڊ مارننگ." گڊ مارننگ اهڙي ته
ڪڙڪي واري آواز ۾ چيائين جو مونکي سندس سنڌ وارا
ڏينهن ياد اچي ويا. ڇا ته هن مانجهي مڙس جو رعب
هوندو هو! سنڌ جي اڪ وڪيلن مان هڪ هوندو هو.
اُتي سنڌ ۾ اهڙو ڪيس مشڪل هوندو هو جنهن ۾ هيءُ
ديوانو دالساءِ ديوان هڪ طرف جو وڪيل نه هجي!
سرڪاري وڪيل هوندو هو. پبلڪ پراسيڪيوٽر ٿيا نه،
گهڻا ڏينهن ۽ پڇڻ ٿو هن ديوان کي وڏو وارو ڪري هو.
هوشيار ۽ ايماندار! وڏن وڏن ڪيسن ۾ ٿو جي زميندارن
۽ ڏيهين لڪن جون رشوتون آڇيون هوندس پر هيءُ
ٽيٽو سڄو مٿي، پنهنجي مارڪ تان ڪڏهن به نه ٿڙڪيو.
ڪورٽ ۾ پيهندو هو ته ڪنهنجي پرواه نه ڪندو هو.
آواز جو ڪاهل، دل جو پڪو، سڀاءَ جو سخت ول، جڏهن
پنهنجي ليڪچر ڪندو هو اُڏهن جج داد ڏيندا هئس.
سرڪاري وڪيل جو عهدو پورو ڪري پنهنجي وڪالت
شروع ڪيائين ته به سيڪو ڪيس عزت سان پڙهندو هو ۽
سندس آڏي پچا يا دليلن جو داد ڪندو هو. دل جو به
بهادر هوندو هو. سڀ سنڌ چوندي آهي، هيءُ اي لوهو وڪيل

پئسي سان اُن خريد ڪري نٿو سگهجي. ٻيو پئسو ٻيا پدارٿ، عهدو يا اقبال، سونهن، جواني يا ناموس ٻه نه ٿي ٿا چئون آهن. چندرما پڻ پوراماسيءَ جي ڏينهن آسمان ۽ ڌرتيءَ کي پنهنجي چمڪ سان چمڪائي ڇڏي پر چندرما جي سهائيءَ ئي ٿورو ڪهڙو؟ اڄ پوراما ته سڀاڻي اماس!“

مون چيو، ”بابا! توهان جيڪر اڃا جيئڻ نه چاهيو؟ سچ پڇاڙو! مان نه جيڪر چاهيان نه هن جيون جو سفر لمبو ٿئي نه مالڪ جي عطا ڪيل ميءَ جي مٽ مان جام جي مٿان جام پيئي پنهنجي پياس کي اُجرو ڪريان. بادشاه ظفر جو بيت ياد ايندو آهي، هن قسم جي خوشي اندر ۾ محسوس ڪندو آهيان ۽ سمجهندو آهيان جڏهن مهنجي وانگر جي ترجماني ڪري ويو آهي:

نشهءِ عشق ڪا گر ظرف ديا تا مجهڪو
عمر ڪا تنگ نه پيمانا ديا هوتا!

مان اهين چاهيندو آهيان ته عمر اهڙي وڏي هجي ها جيتري مالڪ ميءَ موجود ڪري ڏني.“

بابا ڪهيرتا سان چيو، ”بادشاه ظفر سٺو شاعر هو پر ڪ آئر نه جڏهن کيس گرفتار ڪري، انگريزن کان وڇوڙي، انڌو ڪري، گهر ۽ وطن کان دور مانڊلي جي جيل ۾ بند ڪري رکيو ويو هوندو تڏهن اهڙي قسم جو شعر ڪرڻ ڇڏيو هوندائين.“

مون حيرانيءَ مان پڇيو، ”بابا! اهي مغلن جو اتهاس ۾ ياد اٿوَ؟“

هن چيو، ”ڇو ڪين؟ پراڻيون واقعاتون ذهن ۾ ٽڪيون آهن- عمر جي ڪري هلندڙ واقعا وسري ٿا وڃن. ماضي ياد، حال ۾ حيران، آئينده کان نا واقف! اڄڪلهه جيڪي پڙهان سو وسري وڃي ٿو ”ڪراما“ اڃ به ياد آهي ۽ فردوسيءَ جي شاهنامي جا وڏا ٽڪر به زباني آهن؛ رام، شاه ظفر جوانيءَ جي وقت ۾ ايترو عمر دراز منگي هوندي، به هاڻي ڏينهن ۾ جيئڻ کان بيزار هوندو. سندس هو شعر ياد اٿئي جنهنجو اسان وٽ وڪارڻ هوندو هو؟“ سوچي چيائين، ”لگتا نهين هي دل...؟“

مون چيو، ”ڪجهه نه ياد آهي.“ چيائين، ”پڙهه.“

مون پڙهيو:

لگتا نهين هي دل ميرا اجڙي ديار ۾
ڪس کي بني هي عالمِ ناپائدار ۾
ان حسرتون سي ڪهدو ڪهين اور جا بسين
اتني جگهه ڪهان هي دلِ داغدار ۾؟
روتا هي بد نصيب ظفر دفن کي لئي
دو گز زمين ڀي نه ملي ڪوئي يار ۾!

ديوان جي اکين ۾ ڳوڙها ميڙي آيا. ڀريل آواز ۾ چيائين ”ساڳيو بادشاه آهي نه، جنهن کي وقت وڏي عمر جي خواهش ڏيکاري هئي؟“ اندو ساه ڀري چيائين ۽

پڙهيون ڪوڻ. هڪ ڏينهن پوڙهي پير گرهستيءَ جيون ۾ ڪهڙو ڪهاري نه سگهي. هن جي اوزاري ڏسي ٻن ڇوڪرن ۽ نه پڙهڻ جو ٻڌن ڪري ڇڏيو.“ مون چيو، ”بابا! هي سڀ ڳالهيون مان چٽان ٿو، ٻڌهان ٻاهر ڪي پريشان نه ڪريو.“ ڪجهه لوڏي چيائين، ”اها ڪي نه موليان ڳالهه آهي نه جو سانڍي ڳالهه ور ور ڪري ٿو ڪريان! اها آهي پيري! پيري آهي زندگيءَ جي شام. شام آئي ته سج لهندو. منهنجي زندگيءَ جي اها شام اچي وئي آهي. اڄها رات آئي. رات جو مطلب آهي نه لڪ لهي. موت ۽ رات آهي جڏهن ۾ زندگيءَ جو لڪ پورو ٿو ٿئي. صبح جو تازو ترانو ٿي انسان اٿندو آهي. تنهن جيون آهي ٿيون صبح. موت جو ڊپ ڪولهي. جهوني عمارت ضرور ڊهندي ۽ الهيءَ جاءِ تي نئين عمارت جڙندي. منهنجو سرير به هڪ جهوني عمارت آهي. ڊهي ته ڇا آهي؟ هيءَ پراڻو پڃرو ڊهي ته ڀلي مڪمل ٿئي.“

مون پڇيو، ”بابا! مرڻ جو ڊپ ڪوڻ آئو؟“ جواب ڏنائين، ”اصل نه. موت ڪا بچاءُ ٿيندڙ نه آهي. هو ته ٻاهر پيري، مرض ۽ دکن جي پچاڙي ٿو آڻي. پر جيڪڏهن انسان کي موت جو ڊپ آهي ته ٻاهر چڱو. موت جي ڊپ ۾ انسان بيپرواهه نه ٿو رهي سگهي. جڏهن ڊپ آٿس ته هڪ ڏينهن هلندس تڏهن سستي ڇڏي پنهنجي جيون

عقل کي ڇڏ جو ٻڌن نه ڪري. مٿس چاهي ته هن ٻوري
جيون ۾ اهڙا ڪم ڪري نه سگهي جو اُمر ٿي وڃي.
دنيا ۾ هيڏا سارا ڪارناما ڪنهن ڪيا آهن؟ وگيان رستي
قدرت تي غالب ڪير پيو آهي؟ انقلاب ڪنهن آندا
آهن؟ سڌارا ڪنهن ڪيا آهن؟ ننڍي عمر ۽ ڪارائتي
ڇڳي ۽ وڏي عمر، لاچاريءَ ۽ بيزاريءَ جي، ڪهڙي
ڪم جي؟ مان اها به جيئان ۽ وڃان وڏيءَ ڪمزور
ٿيندا ٻار دوستدار، استري، پالڻ ۽ ٻار هڪ هڪ ٿي
هلندا رهيا ۽ مان انهن کي ياد ڪري پيو جهڄان!
ڪيستائين؟ جيستائين منهنجو ڪو نه رهي؟ مان
اڪيلو ئي اڪيلو رهجي وڃان ۽ ڪروڙن ۾ ٻانڪي ڏارڻو
پيو سمجهان! ڪر، سڀڻ منهنجي ساٿ ڏيڻ وارو نه
رهي ۽ ضعف جي وس ٿي ڪٿ ڪي پيو هڄان ته زندگي
ڪهڙي ڪم جي؟ ٻاٽي وهندو پيو ۽ ٿڌو ٿڌو ٿيو.
ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان ته جيڪڏهن موت نه
هجي ها ۽ هر ڪنهن جيئڻ جي گهرج ۾ سؤ سؤ ڏاڏا ۽
اولڙيون ئي ڏاڏيون هجن ها ته هن دنيا جو ڇا حال
ٿئي ها! اڄڪلهه ٻاٽهو هڪ ڏاڏي مان ڪڪ، هڪ
پيءُ مان بيزار ته هيڏي ساري ڪٽڪ سان سندس حالت
ڇا هجي ها؟" ڪلي چيائين، "برهما پيو اُٿي ڪري
ها، وشنو پيو ڪاڏي ٻچڙن جا ٻڌن ڪري ها ۽ مهيش
ٻيهن وٺي وڃي هميشه لاءِ ڪيلاش تي سماڌيءَ ۾ وڃي

ها. پٽ، وڏي عمر لاءِ دعا نه منگ، ڪارائتي جيون لاءِ پرارٿنا ڪر." لڪو ساهه پري ڇپائين، "صبح، منجهند، شام ۽ رات! ننڍپڻ، جواني، پيري ۽ موت! تفاوت ڪرڻهي آسپاس ڪو نه باقي جيون دک بنا گذري." مون ڪڏهن نه هن بزرگ سان هن قسم جو بحث ڪيو. ڪير هو. هو ۸۷ ورهين جو ٿي سندس گيان جي گهڻن سان ڪرانت ٿي ويس. مالڪ هر ڳالهه راز رکيو آهي. ڪير سندس ڳجهه ۾ هٿ وجهي؟ انسان ڀلي ڪيو ليڪن نيون ايجادون ڪري ۽ روز بروز قدرت جون نوليدون سلي، پر جيوت ۽ موت جو سوال ٿي آهي جتي هو بيوس ٿيو پوي. مون وري نه پڙٿام ڪنڊي اندر ۾ چيو، "باهران سيتل لڳندو آهي پر اندر ۾ هن شخص کي ا-ـ طوفان آهي!" هانو زندگي واپر جو لاهه چاڙهه آهي. سک ۽ دک ڳنڍيا پيا آهن. سچي ڳالهه آهي ته جي موت نه هجي ها ته انسان کي ڪير جهلي سگهي ها؟ دنيا جو ڇا حال ٿئي ها جيڪڏهن ڪنس، راوڻ، هرناڪش، چنگيز خان، نادرشاه، اورنگزيب، نيپولين، زار، هٽلر، مسوليني، ستالن ۽ ٻاٺو چاٺو جهڙا ماڻهو مرن ٿي نه ها يا هزارن سال جيئرا هجن ها؟

ايشور انسان کي وڏي شڪتي بخشي آهي پر هڪ ڳجهه ڪانئس لڪائي رکيو اٿس. جيئڻ ۽ مرڻ جو ڳجهه،
ڪانئس لڪائي رکيو اٿس. جيئڻ ۽ مرڻ جو ڳجهه،

زندگي ۽ موت جو راز، هستي ۽ نيستيءَ جو ڀيد. انسان آيو ڪٿان؟ ويندو ڪيڏانهن؟ ايندو ڪڏهن؟ ويندو ڪڏهن؟ اهي ڳجهارتون ڪير سلي! اُلٽي ويڌو ڄاءِ آهي ڪوريءَ جي ڄار ۾. ناهي ٻيو ڊاهي، ڪنڀار وانگر. ٺاهيءَ ڪري ته درويش چئي ويو آهي ته الله ڏاڍو آهه، حقيقت آهي ته:

سائين ڏاڍو آهه مٿان ڪا سيڻو ساهي
ڪري ويٺو ڪار ڪنڀار جي
هڪڙا ڀڃي ٻيا ٺاهي.

## قسمت قيد قوي نہ ٿي
## ڪير اچي هن ڪوٽ ۾؟

شيدي جهڙو مڙس هو. بدن رڪ جو ٺهيل هوس. آنانڙي ۾ لٺ نہ ڇڄي آفريڪا جو ڪارو چيتو ڪاهي آيو. داؤ پيچ هرڪنهن رانديگر کي اهڙا آهن ۽ هن جون حرڪتون اڻوکيون هيون. ڪرہ ڪشتيباز هن جي آڏو ٽڪاءُ ڪانہ سگهندو هو. سڄي پنجاب ۾ ڌوم مچائي ڇڏيائين. للڪارون ڪئيائين ملڪ ۾ للڪار ڪرڻ وارو ٻل ۾ پنهنجي جهڙي زمين سان لڳل ڏسي، آڻ مڃيندو هو. وڏو دنگل ٿيو. ڦاليلس ۾ هيءُ بانڪو بهادر چئمپين قبول ڪيو ويو.

پنهنجي ڪرامت ۾ ٻاهرين لمبر پهلوان، ٻين ڪوانٽن جي ڪشتيبازن سان، مقابلي ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو. اهو نہ وقت آيو جڏهن هندستان جي ملهن جو مقابلو ٿيو. چنانچہ جيڪي هئي تہ آخر ۾ سوڀ جو سهرو هن سنڌيءَ جي سر تي آيو. عجب اهو نہ هو جو هن جبرون هن جوڏي سان سيند ساهيو سي ڏورن کي سيڪنڊن ۾ سنهجي ويا ۽ هار قبوليائون. طاقت تہ ٻين رانديگرن ۾ بہ هئي، انڪلون هو اهو سڪيا هئا، سان جا سال اڀياس هنن بہ ڪيو هو پر هن ڪشتيباز ۾ ڪهڙي علحدي خوبي هئي

جو ٻل ۾ ٽي ٻنھي ووڏن کي سٽي سگھيو؟ نالو
ٻڌجي ويس "ھٿ ڪڙ." ساري ھندوستان ھن کي چئمپين
قبوليو. ڪنھن پلا ھن ديو جو نالو نه ٻڌو آھي؟ نالو
ھوس گاما! گاما پھلوان.

گاما پھلوان جي ھاڪ ھندن مان نڪرجي وئي. سندس ساراه ولايت کي واسيو. دنيا جو مشھور ڪيڏاري زبسڪو ڪھي پارٿ ۾ آيو. مقابلي جا وڏا سانباھا ٿيا. گاما تيار ھو. گاما ۽ زبسڪو! ٻن ٻبر شيرن جو مقابلو ھو. ڪير کٽندو؟ شرطون لڳي ويئون. لکن جون شرطون! ھڪ روپئي کان وٺي ڏھن ھزارن تائين. دنگل جون ٽڪيٽون بليڪ مارڪيٽ ۾ وڪامڻ لڳيون. ھرڪو منتظر ھو ھتان ٻن ٻوڏن جي ٻڌ ڏسڻ لاءِ ٻر ٽڪيٽون ڪٿي؟ جڏھن گاما ۽ زبسڪو اکاڙي ۾ آيا تڏھن تاڙين جو ڦھڪو پئجي ويو. ٻنھي جي اٿھڪ عاليشان ھئي. گاما ڪارو ۽ زبسڪو گورو! ڪاري ڪر ڪيا ته گوري گردن اوٻاھي ڪٽي. گاما جو ھٿ زبسڪو جي گردن ۾ ته زبسڪو جو ھٿ گاما جي ڳچيءَ ۾. ريفري تيز نظر سان تيار بيٺو ھو. ڪٿي ڪير ٿو ڪرائي ڪيئن ته مقابلو جھرو ٿيندو ۽ حاضرين کي ٽڪيٽ جو اجورو پورو ملندو. سڀئي وڃي ۽ ڏسندڙ سڏا ٿي ويٺا. ڪنوڻ جو ڪڙڪڻ اھو وقت وٺندو آھي. ھت ته اھو وقت به نه لڳو. واھ ٿي ھڪ! اک ڇنڀ ۾ زبسڪو اچي زمين تي سٽڪو ڪيو ۽ ڏھن

پيو. ڪو للڪاري نه پهريان هن جي شاگردن سان فيصلو ڪري. ڪو پهلوان گاما تائين رسي نه سگهيو. گاما کي پينشن ملندي رهي. اهو ڪافي هو نه پارس جو وڏي ۾ وڏو ڪشتيباز پٽيالا رياست جو رتن هو.

ورهاڱي کان پوءِ گاما کي هندوستان مان لڏڻو پيو. آکاڙي ۾ پيهي نه پهلوانن کي للڪاري سگهيو ٿي پر راڄواڙن جي سمي ڌرم، مذهب جي جدون ۾ ڀاڱ ڀلائي حملو ڪندڙ حيوانن کي ڪير للڪاري سگهي؟ پيا نه ٿيو پر گاما نه بچي ويو! ڪٿان نه بچي؟ پلا هڪ واحد ۾ هندوستاني گاما ڦري پاڪستاني گاما جو ٿي ويو! سياست جي ڪري نيڪ مد ٿي پيا، پراوا ٿي پيا، ڏڪار جي لائق ٿي ويا! گاما جي هرڪو عزت ڪندو هو. هن جي ڪارنامن تي سڀني کي فخر هوندو هو. پر تعصب اٿڻ ۾ ڦيرو آڻي ڇڏيو. لڙيا حيوان، مٿا انسان. وڙهيا سان لتاڙيا پوڙا. سڪن سان ڪڏ آلا ۽ سڙڻ لڳا. بعض جي پاڻ کان گاما الائي ڪٿان اچي لاهور پهتو! چون ٿا ته ڪن سک سڄڻن جي سهائتا ملي ويس، جن جهوني دوستيءَ جو نڀاهه نباهي، کيس سرحد جي پار پهچايو. سڀ ماڻهو هڪجهڙا نه آهن. مثال آهن ته پاڪستان ۾ ڪيترن مسلمانن جا هٿ هندن کي رسيا ۽ هندوستان ۾ ڪيترن مسلمانن کي هندن جي مدد ملي. پر ڪوني ڪاڻي. نيڪي صفا برباد ٿي ڪانه ويئي

منهنجو مان اوچو ٿيندو ۽ مان آزاد پاڪستان ۾ عزت جي زندگي گذاري سگهندس پر سياستدانن کي سوچڻ جو ڪهڙو قدر؟ ويلي جي وروڻهن ڪالهي. لاچار ٿيو آهيان، ڪو حال پڇڻ وارو ڪونه رهيو آهي." ٿڌو ساهه ڀري چيائين، "شڪر آهي الله جو، جو ڪي تو جهڙا ٻراڪا چاهيندڙ آهن جي هند مان ته ٻيو ڀري اچي ٿا حال پرسي ڪن." رپورٽر منهنجو پنهون ڪڍي سؤ روپئي جا نوٽ گاما کي آڇيا. گاما وٺڻ جي نه ڪري. چئي "مهمان مون وٽ آيو گهر ۾ گهڙي، مان سندس مرحبا ٻ ڪري سگهان ٿو هيڪاري ڪانئس وٺان!" رپورٽر اڳين ڏينهن جا قسم وجهي کيس پيسا ڏئي جا هن وڏي ڏکيائي سان سوڪار ڪئي. غريب گاما ۾ اڃا غيرت ڪوٽان ڪوٽ ڀريل هئي. رپورٽر اٿڻ وقت چيو، "ڪو نياپو، ڪو سنيهو." گاما چالڪندي چيو، "سارڀسان ٿيو سڪ سان هندوستان جي سنگتين کي ٻه چڙي ته ته ڪهن مان ٿي آيس! آيس نه واپس وران ها پر..." ٿڌو ساهه کڻي چيائين، "قسمت!"

هندوستان جي اخبارن گاما جي حالت ڇپي. خبر پڙهي ڪيترا قدردان جرڪ ڀري آيا. گاما پاڪستان ۾ هو پر اصل هو ته هندوستان جو! ڪڏهن ڏينهن هندوستان جو نالو سڄي دنيا ۾ بلند ڪيو هئائين. حالتن جي وس لي وڃي جي پاڪستان وسايو هئائين ته ڇا ٿيو؟ دليون

سچ قسمت! قسمت پرٻل آهي. انڌير ـ سان ڪير پڇي؟ چالو ڪٿي، مٿو ڪٿي؟ ڪٿي هندوستان، ڪٿي پاڪستان! مرڻ کان پوءِ ڀلا ڪهڙو آستان؟ هندوستان آزاد ٿيو، پاڪستان جي نئين اسلامي حڪومت ٿي، پر سچي آزادي ڪٿي؟ سچي آزادي عالم ارواح ۾، آنهائن جي مڪان ۾، جتي نہ رنج نہ مصيبت، فقط خوشي ئي خوشي. شاهہ سائينءَ جو مارئيءَ جي واتان چوائل بيت ڪهڙو نہ ٺيڪ آهي!

قسمت قيد قوي، نہ تہ ڪير اچي هن ڪوٽ ۾؟
آڳي لکئي لوح جي، هنڌ ڏيکاريم هيءُ
راڄا راضي ٿيءُ، نہ مارن مڻي مارئي.

## ھھڙا ھاڃا ٿين، ٻري ھن ڀنڀور ۾

دوست اسپتال ۾ پيو ھو، ڏسڻ ويو ھوس. ڪيس ڏسان ته ان کان اڳ ٻه واري ڪمري جي ٻاھران ڪرسيءَ تي ويٺل مائيءَ اُٿي ھٿ جوڙيا. مون کيس ڪونه سڃاتو. واجھو واس نه ڇپائين، "ٻاڳيءَ جي ماءُ آھيان. ڪراچيءَ ۾ ساڳئي محلي ۾ رھندا ھئاسين." مون کيس سڃاتو. پڇيومانس، "ڪير بيمار آھي؟" اجا جواب ڏئي ته ان کان اڳ ڪوٺيءَ مان ھڪ ٻالي ٻاھر آيو. مونکي ڏسي ڪيڪر ڪري چيائين، "پنجوائي صاحب آھيو؟ دوست کي ڏسڻ آيا ھوندا؟" مون سوال دھرائيندي پڇيو "توھانجو ڪير بيمار آھي؟" ھن چيو، "منھنجي ته ٻاڳڙتي. مھند رائين جو ليو آھي جو ھتي رھيا پيا آھيون. وڏاريءَ ڪمت ۽ ڪمت ڏنو آھي. اسٽو ڦاٽي پيو ۽ اڇي ٻاھ لڳيس." اکيون اگھندي، سڙو ٻري آواز سان چيائين، "ڪڙا!" مون مائيءَ ڏانھن منھن ڪري پڇيو، "ٻاڳيءَ کي ڀاھ لڳي؟" مائي اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. منھنجو من ۽ ٻرجي آيو. اھڙي وقت پرچائڻ لاءِ زبان مان اکر ئي ڪونه اچھندا آھن. فقط سوچڻ لڳس "ڪلھ جھڙي ٻاڳي، جوانيءَ جي ٻھار ۾ سڙي ڀسم ٿي وئي! اھو ڪھڙو انصوري انصاف آھي؟" ڪريا مونکي جواب

لڳي ويئي." ٿڌو ساهه ڀري چيائين، "هاڻي وڃي سگهي ٿي." پاڻيءَ جي ٿوري جو مٿن اثر ٿي ويو، مون ڏٺو ته سيٺ جو چهرو ڪو ٿيو سو ڳالهه کي ڪاٽي چيم، "چڱو، اسين موڪلايون ٿا." هن ڪجهه جواب ڏنو. اڌ ڪلاڪ کان پوءِ مان ۽ گوري اتان هلي وياسين.

رستي جي حال پرسي ڪري جڏهن اسپتال ڇڏي ٻاهر آياسين تڏهن مون چيو، "گوري، سيٺ جو ڪهڙو ڏوهه؟ مولڪي جي ڳالهه سمجهه ۾ ئي ڪا نه آئي." گوريءَ چيو، "مون سڀ ڪي سمجهيو." مون پڇيو، "مائيءَ توکي ڪجهه ٻڌايو ڇا؟" چيائين، "سڀ ڪجهه. هڪ اٿس ٻيو ڪانهي ڪانهيس. پاڻ اٺن ورهين سڙي ته آهي، مائيءَ مان هزار ٻي لاٽ ساڙهو اٿس. ڇوڪري ڪانوينٽ ۾ پڙهيل، پرڻو پاس ته ڇوڪرو اڃا پڙهيل، پيءُ جي ڪمائيءَ تي پلجندڙ، سس ڪر ڪر ڪاڏي ۽ سهرو مڙس. ڇوڪريءَ جو پيءُ ڪڏاري ويو، ماءُ ٿي ويئي لاچار! سس ڇوڪريءَ جي زندگي زهر ڪري ڇڏي. چار سال ٿيس پرڻي ٿي ماڻيءَ جي آڻ پڄڻ نه ٿي. اسار اڄڪلهه هوس ته سسٽس ڏنس ته جي پٽ جاٽو ته واڌائي ڏهه هزار ڪٽي اچج ۽ جي ڌيءُ جائي ته پنجن هزارن جو سون آڻج. جاٽو مٺل پار. اس پوءِ پٽ پارالو شروع ٿي ويو." مون چيو، "اڇا اهڙا ڪاڙهو ٿين ٿا ڇا؟" گوريءَ چيو، "اڪ مٺيا آهن پر سپاءَ ڪوڙا ڪڙا

سمجهجي ها ته ٢٠ صديءَ جي ٦٤ سال ۾ اهڙا واقعا ٿين! شرم جي ڳالهه ڇٽي." گوريءَ چيو "ڇو ٿي ۾ ٿيڻ جي ويا؟ توهان سمجهو ٿا سماج اهڙن ڪارن کان آجي ٿي چڪي آهي؟! دهلي دور آهي." منهن جي واٽ مان فقط لفظ نڪتو "افسوس!"

گهر آيس ته اچي ڳالهه ڪيم. سڀني کان ڇرڪ نڪري ويو. "ٻاپي!" ها ٻاپي! هر ڪو کيس سڃاڻندو هو. انهيءَ وقت کان جڏهن هوءَ اٺ ورهيه اچي هئي! ٻڪولتي ڳالهو هوس ته پيار مان ڪوٺيندا هئس ٻاپي. ٻاپي نه نه، هئي، ٻاگهي هئي. پنجن سالن جي مس هئي ته سڀني ڏينهن ايتري ڳالهائيندي هئي. هر هر گهر ۾ ٺهڪ ايندي هئي ۽ اچي منهنجي چاچي جي ڌيءَ سان راند روند ڪندي هئي. ساڳئي ماڙي تي پنهنجي ساهڙن واريءَ دلڪش ۾ رهندي هئي. اسان سڀني کي وڻندي هئي. گورو رنگ، وار ڇهڪ ڪارا ۽ گهنڊيدار، اکيون چمڪندڙ، نڪ سڌو ۽ ڳالهائڻ مٺو! ڪنهن کي اهڙو معصوم ٻار نه وڻندو؟ پنهنجي پوڙهي لڳندي هئي. اسين به ٻيا کيس گڏيءَ وانگر نچائيندا کڏائيندا هئاسين. ٻاپي ڪرمچند جي ڌيءَ هئي. ٻاپي پلاوڙو هو. ڪوڙي جي دلالي ڪندو هو. مڇيءَ ماليءَ وارو ماڻهو هو.

ٻاپي ۽ ليلا ساڳئي سڪول ۾ وڃڻ لڳيون. سڪول ۾ وڃي ته اسين سڀ ڦاسي وياسين. جيڪي سڪول ۾

پڙي، سڪي اچي سو اچي گهر ۾ پڙائي. "دادا، ڳالهه
پڙهايائو؟" ڪاڏي ٿي ويندي. ٻو چڙهي ان ڇيٺيس
"ھا" لڏهن يڪدم ڪري ريڪٽ شروع "ھڪ ھئي
ٻري. ڳالهه ھوس ٻڌولتي. اکيون ٻوٽائي چوندي "سڄي
آهي نه آکاڻي؟" ان ڪير چوري؟ ٿوڪ ٿيٽي ڏيندي
ھئي. ڳالهه کي ٻري سمجهندي ھئي. اسين نه ڪيس خوش
ڪرڻ لاءِ عجب مان پڇندا ھئاسين "ٻري! ڪير؟
ٻڌولتي!" ٿپ ڏيئي چوندي ھئي "ھا، مان، ٻيو ڪير؟"
ٻاڪي اسان لاءِ ولدر ھئي. سڄي، سياڄهي ۽ سمجهو! دل
۾ چوندو ھوس "ھيءَ ڇوڪري وڏي ھوندي رڻ ڪندي"
ھڪ ڏينهن ھن واٽي ڪتاب ۾ مورتون ڏٺيون. مورتون
ڏسندي ھڪ ھنڌ اٽڪي ٿهاريندي رھي. مون ڏٺو
ان صفحي ٿي قيرائي سو آهستي آهستي وڃي ھن جي
پٺيان ايندس. ھوءَ نه سمجهي ٿورن ۾ ٻوري ھئي. ھڪ
ولکين تصوير ۾ نظر اٽڪيل ھئس. واقعي ٻي مورت اهڙي
ھئي جو من ڇڪي وئي. واهر گذري ويئي ٻر ھوءَ ٻڏو
رھي. آخر مون پڇيو "ڏٺي ٿيئي وٽهي ڇا؟" ڇرڪ
ڀري ويس. "اٻي الا" ڪري، اٿي ايٽي. مون ڏي
منهن ڪري وڏيون واڪر ڇيائين "اهو يار کي ڏيکاريو
آهي؟" گود ۾ کڻي، مون ڪيس ملي ڏاي. ٻيو ماٽس
"ٻاڪي مورت ۾ ڇا آهي؟" يڪدم چيائين "وڏي ٿيندس
نه اهڙي ٿيندس. سٺي نه آهي، دادا؟" مون چيو "اون

ٻري ٻڪواٽي! مسڪرائيندي ٽئي وائي. منهنجي ڪن ۾
ٻري رهيا هئا اکر "ٻري آهيان. دوٿهون لئي دري ۾ مان
اڏامي ويندس." اندر مان آواز آيو "ٻنا ڪان اچي
ولهن ٻري! ٻر اهڙن ٻنائن وٽ ٽوجهڙاٽون ٻرٽان ڪهڙيون
ڪاٻر هونديون؟ ٽو وانگر اچا ڪهڙيون ٻرڙون دوٿهون لئي
اڏامي وينديون؟ ٻر ۾ ايئل هڪ دوست چيو "ٻروٽيسر
صاحب، هلو." چرڪ ٻري مون چيو "هلو." اندر ۾ چيم:

ٽهڙا ٽاچا ٽين، ٻري هن ٻنيور ۾.

# خوشي ڏيندين تہ خوش رهندو
# جي غم ڏيندين تہ پڻ سهندو

ڏهن سالن کانپوءِ ناڪر سان ملاقات ٿي. انهيءَ ڇڏي وڃي دهلي وسايائين لڏهڪري سان ملڪ ۾ عرصو ٿيڻ جي ويو تہ ٿي جڏهن انهيءَ ۾ هو آيو هو لڏهن تہ ملڪ ڇڏيندو هو. زندگي آهي تہ پنهنجو ملڪ لڳي، لڏهن ڏاڍهن ڪڏهن آيو. دعوت ڪئي مانس. ڪالهہ آهي ملڪ جو پهاڻو ڪالهہ جي پهاڻي ملياسين تہ پاڻ ۾ روح رهاڻ اهڙي ڪئيسون جو سالن جي ڪاڻ لهي ويئي. منهنجو اچڻ ٿي ويو انس تہ تہ سراڻ ۾ سڀ ڪو ٿيڻ لڳو ۽ ڳالهائڻ جو اهڙو ئي مزو. پوءِ تہ ۽ عقل وارو تہ شروع ڪان وٺي هو، هاڻ تہ ڪيترو ۽ خوش فهم لڳو.

”ڪر خبر يارا هئين ڏهن سالن ۾ ڪهڙا سمجهہ اٿئي پيا اٿئي؟ الڳ رهيا آهيون ۽ هڪ ٻئي جي ڪار ڪڏاريون ڪان ناواقف پر پوءِ ۾ مفاصلن تہ منهنجون منجهائي ڇڏيون آهن. اچان دهليءَ تہ وهان ڏيهون اٿ، ماڻهن ۽ منهنجن سان ملڻ ٿي محال. ملڪ جو مرڪز ملهو آهي تہ ڏي سمورو سماچار. ڪئي پهتو آهين؟“

منهنجي سوال جو جواب ڏيندي چيائين ”احوال ڏيندس تہ افسانو ٿي پوندو.“ مون چيو ”هڪ انوکو

هوس. آفيس وڪيلن ۾ نه چڱي ڇوڪري ٿڪڙي ملي ٿوري
ها ٿو دل ۾ اهوئي ويچار هو ته جيڪڏهن آفيس ۾ وڪيلي
ڇڏيندس ته ووري اسري نه سگهندس ۽ ڪڏهن وقت ۾
اهڙي سٺي آفيس هٿ نه ايندي. منهنجو آسرو ڇڏيان
ها ته ضرور انهن ٻي لئي ها. مالڪ ٻن ۾ سڀني وڏي
جو زورن ٿارن هوندي ۽ منهنجي ارادي کي اڏول رهيس.
هڪ دوست ڪالسواء ٻين منهنجي سچائي ۾ وشواس
آهي مولڪي ڇڏي ڏنو ٿيو هڪ ٻرم مٽر ٻڍسي جي جو
سبب رهي ڪيس داخل ڪيو. ڪورٽ منهنجو حال
ڏسي ايڏي سڀ روپين جي ماهوار قسط مقرر ڪئي جا
مون اڪ مري ۾، ٻري ڏني. ٻئرو ڪيڏو مال ٿيو ٿيڪال
ڏيندو هو ٿيو حال اهڙو هوندو هو جو ڪيترا دفعا ڇانهه
جو ڪرپ ٻه نصيب ٿيندو هو. نصيب مون سان
عجيب رانڊ ڪئي ٿي مون نصيب مان آس نه لاٿي.
ٻڪ هٿ نه. هڪ ڏينهن اها ساڳي قسمت منهنجي
ٻيڏاني ڇيندي.

”هڪ ڏينهن تمام اداس، منهنجي آفيس ۾ ويٺو
هوس ته هڪ دوست لکي آيو. ڇوڪري ڏسي چيائين
'آفيس ۾ اڄ ڪالهه تو معلوم ٿئي ٿو ته منهنجي اسٽڪي
لڙڪي ۾ آهي.' مون ڳالهه ٽاريندي چيو 'ڪر خبر يار،
ڪٿي اڄ ٿيو آهي؟' چيائين ”سوچي آيو هوس ته تو ان
مدد وٺندس. هڪ مٽر آهي، مل جو مالڪ سو ڪڏهن

ڀائي ته نه ڪوي." ٻڙ ٻڙ ڪندي سيٺ چيو "هڪ
سندي آهيو ۽ چاليهن هزارن جي آڇ ڏني وڃو ۽ ٻيو
سندي تو ڏني هڪ لک ٽيهن هزارن جي آڇ! آخر ماجرا
ڇا آهي؟" مون چيو "مونکي اها ڪابه خبر ڪانهي.
توهانکي منهنجي آڇ قبول هجي ته مان سودا ڪرڻ لاءِ
حاضر آهيان، دوست جا دوست آهيو." سيٺ پڇيو
"اهو مال سياڻي جو سياڻي هڪ لک، واهه هزارن ۾
ڪٿان ڪندا ان؟" مون چيو "پئسا هجن ته هيٺئر جو هيٺئر ڪٿان،
ٻن هن وقت مون ۾ اهڙي سمرٿي ڪانهي. مان ٻڙهيل
ڳڙهيل ماڻهو آهيان، اوچ خاندان مان آهيان ۽ مان مدد
ڪرڻ لاءِ تيار آهيان." سيٺ کي اعتبار اچي ويو.
منهنجي اکين ۾ نهاري چيائين "توهين سياڻي ڪان وٺي
ڪم سنڀاليو ته مهرباني."

"ايشور جو نالو وٺي ڪم شروع ڪيو. سائين ڪري
سٽالي ته مٽي مان سون ٿي وڃي، قسمت جي هجي
اوڻائي ته ڏن مان به ڏوڙ! ان مهين ۾ هڪ لک روپيه
جو مال ليڪال ٿيو ۽ اجا اوارولي مال گدام ۾ پيو هو.
سيٺ راضي ٿيو. پنج هزار روپيه ڪيڏي هٿ ۾ ڏنائين.
چي "حساب پوءِ ڪنداسين، حال خرچ ٻڪي لاءِ هي
وٺ. نوڪ نوڙ ڏاڍي ڪئي آٿو. مونکي توهان ۾ نه
وشواس ٿيو آهي پر انسان ذات ۾ اعتبار واپس موٽيو
آهي." جڏهن پنج هزار مليا ته مان پنج سو روپيه

اچانڪ لڪري ويو "اباجهه، پرپا ٻل لون ٻيوس ؟ ٻي ڏور جو."

ٺاڪر شامل راءِ ٻيندي چيو "سچ ٿو چوان، ادا. مان اڳ ۾ هوس موٽڪي ٻل ڪيندو هوس، مان ٻيوس هوس موٽڪي سهارو ڪيندو هو. مهر ڪري تون اڄ ٺارن ڪئي ته ٺاري، جي نظر ڦيري ته ٺارن کي نه اوڙاھ ۾ ڪم ڪري."

مون چيو "ڀلا، ڀلا ور اڃا سمجهو ٿو ڪهڙو ٿيو؟"

ٻاٽيءَ جو ٻيڪ اِي چيائين "چڳن لعل جي ڏاڍي مرضي هئي نه ربلو جي ٺڪري ڪليجي ۾ هو انڪل ٿي لڪ روپيا سوڙاٽ لاءِ اپار هئو. ٻهران اهران ته صلاح ڏنيمانس نه مل جي مالڪ کان ٻاقي رهيل مال چاليهن هزارن ۾ خريد ڪري."

مون چيو "ٻر لهڻجي حساب موجب نه لک کن جو مال ٻيو هو نه؟ اوهان اهو اهڪال ڪيان ها ته لوڪ ڪيترو اهڙي ها؟"

چيائين "وقت لڳي وڃي ها وڪڻڻ ۾ ۽ شايد اهڙو مڪيو لڪيو گراهڪ ٻيو ڪو نه ملي ها جو اهيءَ مال جي آڌار تي ٺڪري وڃهي ها. موٽڪي نه ٽڪي جي گهرج هئي. ڏهه هزار نه اچيا ٿي ڇا؟" چڳن لعل کي سڄي ڳالهه ٻڌايم. ڪيس ٻڪ ٿي ته سوارث ڪرائيم ۽ ميان صاحب - ڪٽائيءَ جو وهنوار ڪرڻ ٿو چاهيان. سڪا چاليهن

هزارن ۾ سڄو مال خريد ڪري ڇڏين لعل ياقوت کڻائي آيو ۽ مون کان ڀوران اهو شرط ورتائين ته فئڪٽري ٻرون رست شروع ڪري ڏيندان. ڀانيواري ۽ هو ٻگهار ڏيڻ لاءِ تيار هو. عجب اهو ته اڪيس جڏهن چيو مانس ته مان ڪراءِ ٻگهار ڪڍڻ لاءِ تيار ته آهيان جيسين ڪم چالو ٿي وڃي. ڀوران گجراتي مل مالڪ مونکي يڪدم ڏهه هزار روپيا ڏنا ۽ اڳيان پنج هزار ته واري ڇڏيا.”

مون چيو ”اڃا به قدر ڪرڻ وارا اُدار دل انسان هن سنسار ۾ آهن ته؟“

ناڪر چيو ”ادا، پڄ ڪوئي آهي ڇا؟ اوت ڇگي ڪر ته مرت ته، ڇگي ملي ٿي. ۽ رام، الهيءَ ڪان ته وڏيڪ هڪ فائدي واري ڳالهه، ٿي جنهنجي ڪري سيٺ مونتي پنهه مرهست ٿي پيو.“

سياوڪ پڇيم ”ڇا ليو؟“

ڇپائين ته ”ٽائيمس آف انڊيا ۾ هڪ مشهور پنڊت جو اشتهار پيو هو ته هن وت هڪ ريڊيو ٽاهڻ جي مشيدري گروي پئي هئي جا هو نيڪال ڪرڻ لاءِ تيار هئا، منهنجي من ۾ خيال آيو ته منهنجي زندگيءَ جي سوپي ڪڏهن ناٽڪ اوپس جي لکيل سڪ السا لائڻ والگو ته وليل نه آهي؟ اڃا مال خريد مس ليو آهي مشيدري ٿي وڪامي! سوچيم ته مجهودار ۾ قائل ٿيان ڪمن مان اڪري دريااه جي سڏي وهڪري ۾ اچي

ٻيا خوف ھاڻ لٿي آھي. دل ۾ اطمينان ٿيو تہ اھا مشڪري اسانکي ملندي ۽ مان جلد ئي جلد سيٺ چڪن لعل کي ٺٺڪري شروع ڪري ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿيندس. ايشور مھربان تہ جڳ مھربان. ٻيا ڇاڻ سڃاڻ جي گھڙي واس ٽڪ جي مٺيءَ وٽ. ھيءُ صاحب فضيلت سان پيش آيو ۽ پنھنجو ماڻھو ڄاڻي مشڪري لطف مان ڪيڻ لاءِ. مشڪري ڪارائتي ھئي. مون چڪن لعل کي خوراڪ جي صلاح ڏني. چڪن لعل چيو ”بابا، اھي ڏاڍا لون ڏنءُ جھڪي ڪوٺي سو ڪر. توکي اختياري آھي تہ اگھہ مقرر ڪري وڃي مشڪري ھٿ ڪر.“ چڪن لعل کان پڇيم ”تون لکن ۾ گروي ٿيل مال ٽڪ لڪ، کان گھٽ تہ نہ ڏيندين؟“ ھن چيو ”بابا، ڪيو وٺندين؟ ھرڪو ماڻھو لنو ريھان جي ٺٺڪري وڃي ڇا؟ ٽيسا روڪ، پنجاھہ ھزارن ۾ ڪم لاھي آءُ. موڪلائڻ مھل چيائين ”ڪمري ۽ وٺين ٿو ا-، سڳڙو پنھنجي ڪمشن چڪي وٺجانءِ.“ مولڪي سيٺ جي ٽڪالي ۽ لي کل اچي وئي. ”ٽڪ وارا، گروي مال مان ڪڪ ھئا. مشڪر گھٽي مناڪت ڪئي ٿو مان چاليھن ھزارن کان مٿي چڙھان ئي نہ. دلاڪڙن کان ڪا اگھہ مال کھڙي بہ اگھہ تي وڪڻڻ جي اختياري وٺي چڙي ھئائين. ضرور مال کي ٻکال ڪرڻ جو پتن ڪيو ھوندائين. ڇا بہ ھجي چاليھن ھزارن ۾ سودو

